هفتيوار رسالو



# رشتيداري ٽوڙڻ حرام آهي

(امير اهل سنت جو بيان)



- رشتيدارن جا حق
- ڪنهن جي موجودگي ۾ رحمت نازل ناهي ٿيندي؟
- خدا جي رحمت حاصل ڪرڻ جو ذريعو
- سڀني کان بهترين صدقو

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفکر بیروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: رشتيداري ٽوڙڻ حرام آهي

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# رشتيداري ٽوڙڻ حرام آهي

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

# فهرست

رشتيداري ٽوڙڻ حرام آهي ........ 1
دعاءِ عطار: ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
رشتيداري ٽوڙڻ جي سزا (حڪايت) ........ 1
ٻاهر جي ٻارين سان لٽڪيل ماڻهو ........ 5
والدين جي رضا جي بغير عذاب دور نہ ٿيندو ........ 5
والدين جو نافرمان غضبِ الاهي جو شڪار ........ 5
والدين سان حُسنِ اخلاق جو حڪم ........ 6
رشتيدارن جا حق ........ 6
شيطاني ڪم ........ 6
بارگاهِ الاهيءَ ۾ قرابت (رشتيداريءَ) جو عرض ........ 8
دنياءِ آخرت ۾ عذاب ........ 8
جنت کان محرومي ........ 9
محروم ماڻهو ........ 9
رشتيداري ٽوڙيندڙ اسان جي مجلس ۾ نہ ويهي ........ 9
رشتيداري ٽوڙيندڙ اسان جي محفل مان اٿي وڃي ........ 11
رشتيداري ٽوڙڻ واري جي موجودگيءَ ۾ رحمت نازل ناهي ٿيندي ........ 11
اولاد کي ديني ماحول کان پري رکڻ جو هڪ سبب ........ 13
جنهن مون کي ملايو، الله پاڪ ان کي ملائي ........ 14
رحمتِ خداوندي ماڻڻ جو ذريعو ........ 14
صلہءِ رحمي هي آهي تہ هو ٽوڙي تڏهن بہ توهان جوڙيو ........ 15
انهن ماڻهن مان نہ بڻجو ........ 15
الله پاڪ تنهنجو حامي ۽ ناصر هوندو ........ 16
سڀ کان بهترين صدقو ........ 16
قيامت جي ڏينهن حساب ۾ آساني ........ 16

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# رشتيداري ٽوڙڻ حرام آهي

## دعاءِ عطار:

ياربّ ڪريم! جيڪو به هي رسالو ”رشتيداري ٽوڙڻ حرام آهي“ مڪمل پڙهي يا ٻڌي وني، ان کي پنهنجي مائٽن سان هميشه سنو سلوڪ ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ خاندان سميت ڪيس بي حساب بخشي ڇڏ

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

پياري آقاء مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جنهن شوق ۽ محبت جي ڪري ڏينهن ۽ رات ۾ مون تي ٽي ٽي ڀيرا درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ تي حق آهي ته ان جي ان ڏينهن ۽ ان رات جا گناهه بخشي ڇڏي. (معجم ڪبير، 362/18، حديث: 928)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهه جنهن کي ڏسو رشتيداري ٽوڙڻ ۾ لڳو پيو آهي. ڪٿي ماءُ ۽ پٽ جي پاڻ ۾ چڪتاڻ لڳي پئي آهي ته ڪٿي ڀاءُ ۽ ڀيڻ پاڻ ۾ جهيڙي جو شڪار آهن، ڪٿي مامي ۽ ڀاڻيجي ۾ اڻبڻت آهي ته ڪٿي چاچي ۽ ڀائٽي ۾ ناراضگي آهي. مطلب ته هر طرف خاندانن ۾ ناچاقيون پکڙيل آهن. پنهنجي اندر صِلهِ رحمي جو جذبو وڌائڻ ۽ پاڻ کي قطع رحمي کان بچائڻ لاءِ عبرت سان ڀريل هڪ حڪايت ملاحظه ڪريو:

## رشتيداري ٽوڙڻ جي سزا (حڪايت)

هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ نيڪ ۽ صالح عجمي شخص منهنجو دوست هو، جيڪو مڪي پاڪ جي ويجهو رهندو هو. هو سڄي رات ڪعبي

شريف جو طواف ڪندو ۽ هميشہ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندو رهندو هو. ڪافي عرصي تائين سندس اهو ئي معمول رهيو. هڪ ڀيرو مون ڪيس ڪجھ سون امانت طور ڏنو ۽ مان يمن هليو ويس. جڏهن واپس موٽيس تہ اتفاق سان ان نيڪ شخص جو انتقال ٿي چڪو هو، تنهنڪري مان سندس اولاد وٽ پهتس ۽ سجو احوال ٻڌائي پنهنجي امانت جي واپسيءَ جو مطالبو ڪيو. انهن جواب ڏنو: ”خدا جو قسم! توهان جيڪو چئو ٿا اسان کي ان جي ڪابہ خبر ناهي ۽ نہ ئي اسان کي توهان جي امانت جي ڄاڻ آهي.“ اهڙي گفتگو ٻڌي مان ڏاڍو پريشان ٿيس تہ افسوس! منهنجو ايترو مال ضايع ٿي ويو.

انهيءَ پريشانيءَ جي عالم ۾ منهنجي ملاقات سيدُنا مالڪ بن دينار رحمۃ اللہ علیہ سان ٿي، تہ هنن مون تي غم جا آثار ڏسي پڇيو: اي منهنجا ڀاءُ! ايترو غمگين ۽ پريشان ڇو آهين؟ مون ڪين سجو احوال ٻڌايو تہ پاڻ فرمايائون: جمعي جي رات اڌ رات جي وقت مَطاف (طواف واري جاءِ) ۾ جڏهن ڪو بہ نہ هجي تہ رُڪن ۽ مَقام(يعني رڪنِ يَماني ۽ مَقامِ ابراهيم) جي وچ ۾ بيهي وڏي آواز سان پڪارجان: اي فلاڻا! جيڪڏهن هو واقعي الله پاڪ جو مقبول ۽ صالح ٻانهو هوندو تہ سندس روح توسان ڪلام ڪندو.

اهو بزرگ فرمائي ٿو: مون حڪم مطابق جمعي جي رات آڌي رات جو جڏهن مطاف خالي ٿي ويو تہ مقام ابراهيم ۽ رڪن يماني جي وچ ۾ بيهي بلند آواز سان ڪيس پڪاريو پر ڪو جواب نہ مليو ۽ مان مايوس ٿي واپس موٽي آيس. صبح جو جڏهن حضرت مالڪ بن دينار کي ٻڌايم تہ مون پڪاريو پر جواب نہ مليو، تہ پاڻ ”اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ“ پڙهيائون ۽ فرمايائون: افسوس! اهو شخص نيڪ ماڻهن مان نہ هو، هاڻي تون ائين ڪر تہ يمن هليو وڃ، اتي فلاڻي هنڌ ”بَرهُوت“ نالي هڪ کوھ آهي جنهن ۾ عذاب ڏنل روح گڏ ٿيندا آهن ۽ اهو کوھ جهنم جي منهن تي آهي، تون آڌي رات جو ان کوھ جي ڪناري بيهي ڪيس ائين پڪارجان: اي فلاڻي جا روح! تہ ان جو روح توسان ڪلام ڪندو.

بزرگ فرمائي ٿو: مون يمن جو سفر اختيار ڪيو ۽ آڌي رات جو ”برهوت“ نالي کوهه وٽ وڃي ويهي رهيس. اتي مون ڏٺو ته ٻن شخصن کي آٽي ان کوهه ۾ لاٿو ويو، ٻئي روئي رهيا هئا. هڪ ٻئي کان پڇيو: تون ڪير آهين؟ ٻئي جواب ڏنو: مان ان ظالم شخص جو روح آهيان جيڪو دنيا ۾ بادشاھ جو پهريدار هو ۽ حرام ڪائيندو هو، ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام مون کي هن کوهه ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي مون کي عذاب ڏنو ويندو رهندو. ٻئي چيو: مان عبدالملڪ بن مروان جو روح آهيان جيڪو نافرمان ۽ ظالم هو ۽ هاڻي مون کي هن کوهه ۾ عذاب لاءِ آندو ويو آهي. جڏهن مون انهن جي رڙين جو آواز ٻڌو ته گهٻراهٽ جي شدت سان منهنجا وار ڪانڊارجي ويا، پوءِ مون ان کوهه ۾ جهاتي پائي وڏي آواز سان پڪاريو: اي فلاڻا! ته ان شخص جو آواز آيو: لَبَّيڪ (مان حاضر آهيان) ۽ هو اهڙي حالت ۾ هو جو ڪيس عذاب ڏئي ماريو پئي ويو. مون پڇيو: اي منهنجا ڀاءُ! اها امانت ڪٿي آهي جيڪا مون تو وٽ رکرائي هئي؟ هن جواب ڏنو: اها امانت فلاڻي هنڌ فلاڻي ڏاکڻ جي هيٺان پوريل آهي. پوءِ مون پڇيو: اي منهنجا ڀاءُ! ڪهڙي گناه سبب توکي بدبختن جي مقام تي آندو ويو؟ هن وراڻيو: منهنجي ڀيڻ جي ڪري، جو ته منهنجي هڪ غريب ڀيڻ مون کان پري عجم جي سرزمين تي رهندي هئي، مان ان جي پرواهه ڪرڻ بغير الله جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويس ۽ مڪي پاڪ ۾ رهڻ لڳس. اُن عرصي ۾ نه مون ڪي ڪڏهن ان جو فڪر ٿيو ۽ نه ئي ڪنهن ايندڙ ويندڙ کان ان بابت ڪجهه پڇيم.

جڏهن منهنجو انتقال ٿيو ته الله پاڪ منهنجي پڪڙ فرمائي ۽ مون کي فرمايو: تون ڪيئن پنهنجي ڀيڻ کي وساري ويٺين جڏهن ته ان وٽ ڪپڙا نه هئا ۽ تون ڪپڙا پائي زندگي گذاريندو رهئين، هوءَ بکي هئي ۽ تون پيٽ ڀري ڪائيندو هُئين، هوءَ اُگهاڙي هئي ۽ تون ڍؤ ڪري ڪائيندو هئين! مون کي پنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! مان رشتيداري ٽوڙڻ وارن تي رحم نه ڪندس. پوءِ الله پاڪ ملائڪن کي حڪم ڏنو ته ڪيس ڪٽي وڃو ۽ ”برهوت“ نالي کوهه ۾ اڇلائي ڇڏيو. ملڪ الموت مون کي هن کوهه ۾ وجهي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي

هتي مون کي سخت عذاب ڏنو پيو وڃي. اي ڀاءُ! تون منهنجي پيءُ وٽ وڃي منهنجي لاءِ معافي جي درخواست ڪجانءِ، جيڪڏهن اها معاف ڪري ڇڏيندي ته شايد منهنجي لاءِ عذاب مان ڇوٽڪاري جي صورت بڻجي وڃي، ڇو ته الله پاڪ وٽ رشتيداري ٽوڙڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه گناهه منهنجي ذمي ناهي. (يعني هو واقعي نيڪ هو پر پيءُ سان اڻبڻت سبب پڪڙجي ويو).

بزرگ فرمائي ٿو: مان ان جي ٻڌايل پتي تي ويس، جتي امانت پوريل هئي، اتان زمين کوٽي امانت حاصل ڪيم، پوءِ ان جي پيءُ وٽ پهچي سڄو معاملو ٻڌايم ته هوءَ روئڻ لڳي. پوءِ جڏهن مون ڀاءُ جي ڇوٽڪاري لاءِ عرض ڪيو ته هن الله جي بارگاهه ۾ معافي جي دعا گهري. مون ڪيس ڪجهه دنياوي مال ڏنو ۽ اتان موٽي آيس. تنهنڪري هر مومن کي گهرجي ته صِلہ رحمي اختيار ڪري. (قرة العيون مع الروض الفائق، ص 401)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان اسان کي عبرت جو درس ملي ٿو ته ماڻهو ڪٽي ڪيڏو به پرهيزگار، نيڪوڪار ۽ امانتدار ڇو نه هجي، پر جيڪڏهن هو بنا ڪنهن سبب جي ماءُ پيءُ يا ڀيڻ ڀاءُ سان ڦٽائي ٿو يا رشتيدارن سان رشتيداري ٽوڙي ٿو ته ان جو انجام هيبتناڪ ٿي سگهي ٿو. اڄڪلهه ڪو ماءُ سان نٽو نهي ته ڪو پيءُ سان، ڪو ڀيڻ سان ڦٽايو وينو آهي ته ڪو ڀاءُ سان. ها! جيڪڏهن ڪنهن جائز شرعي سبب جي ڪري ناراضگي آهي ته ان ۾ حرج ناهي، مثال طور والدين پٽ کان ان ڪري ناراض آهن جو هن ڏاڙهي ڇو رکي آهي؟ ته اهڙي صورت ۾ والدين جو ناجائز مطالبو پورو نه ڪيو ويندو.

ياد رکو! جتي الله پاڪ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حڪم هجي، اتي ان جي مقابلي ۾ والدين جو حڪم نه مڃيو ويندو. الله پاڪ اسان کي پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت جو حڪم ڏنو آهي، ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو آهي: مڇون خوب ننڍيون ڪريو ۽ ڏاڙهين کي معافي (يعني وڌڻ) ڏيو، يهودين جهڙي صورت نه ٺاهيو. (مسلم، ص 125). ڏسو! جڏهن ڏاڙهي رکڻ بابت الله جي رسول جو واضح حڪم آهي ته پوءِ

ماءُ پيءُ کان پڇڻ جي ضرورت ناهي. ها! جتي شريعت ماءُ پيءُ کان پڇڻ جي اجازت ڏني آهي، اتي پڇيو وڃي، مثال طور نفلي حج يا عمرو ڪرڻو هجي تہ اجازت ونجي، جيڪڏهن هو منع ڪن تہ رڪجي وڃجي. هي مسئلو بہ ذهن ۾ رکو تہ جيڪڏهن ڪنهن تي حج فرض ٿي وڃي تہ والدين جي منع ڪرڻ جي باوجود حج ڪرڻو پوندو، جيڪڏهن حج نه ڪيو تہ گنهگار ٿيندو. (فتاويٰ رضويه، 658/10). بهرحال شريعت جي مقابلي ۾ والدين جو حڪم نہ مجبو، پر جيڪڏهن اهي شريعت جي دائري ۾ رهي ڪو حڪم ڏين تہ نافرماني سخت گناهہ آهي ۽ والدين کي ستائڻ وارن جي لاءِ دردناڪ عذابن جون وعيدون آهن، جيئن تہ

## باهہ جي ٿارين سان لٽڪيل ماڻهو

سرورِ ڪائنات صلَّی اللہ علَیہِ واٰلِہٖ وسلَّم معراج جي رات هڪ منظر اهو بہ ڏٺو تہ ڪجهہ ماڻهو باهہ جي ٿارين سان لٽڪيل هئا. عرض ڪيو ويو تہ: هي اهي آهن جيڪي ماءُ پيءُ کي گاريون ڏيندا هئا. (الزواجر عن اقتراف الكبائر، 139/2)

## والدين جي رضا جي بغير عذاب دور نہ ٿيندو

هڪ روايت ۾ آهي تہ الله پاڪ فرمائي ٿو: مان ان وقت تائين والدين جي نافرمانن تان عذاب دور نہ ڪندس جيستائين انهن جا والدين ڪين معاف نہ ڪندا، ۽ مون کي منهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! مان والدين جي دلي رضامنديءَ جي بغير انهن جي اولاد کي جهنم مان نہ ڪيندس. (قرة العيون مع الروض الفائق، ص 403)

## والدين جو نافرمان غضبِ الاهي جو شڪار

هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ: والدين جو نافرمان ڪٽي روزا رکي ۽ نمازون پڙهي، پر جيڪڏهن هو ان حال ۾ مري ويو جو والدين ان کان ناراض هئا، تہ هو الله سان ان حال ۾ ملندو جو الله پاڪ ان تي غضب فرمائيندو. ( قرة العيون مع روض الفائق، ص403 ملتقطاً)

# والدين سان حُسنِ اخلاق جو حڪم

اي عاشقانِ رسول! والدين سان حُسنِ اخلاق ۽ احسان سان پيش اچڻ گهرجي، جيئن قرآن پاڪ ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو: ﴿وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا﴾ (پ15، بني اسرائيل: 23). ترجموڪنزالايمان: ”۽ ماءُ پيءُ سان چڱو سلوڪ ڪريو.“

حديث پاڪ ۾ آهي ته جيڪو ماءُ پيءُ کي رحمت جي نظر سان ڏسندو آهي، الله ڪيس هڪ مقبول حج جو ثواب عطا فرمائيندو آهي. (شعب الايمان، 186/6)

# رشتيدارن جا حق

ياد رکو! رشتيدارن جا حق تمام گهڻا آهن ۽ شيطان رشتيداري ٽوڙائيندو آهي، جيئن قرآن ۾ آهي: ﴿اِنَّ الشَّيْطٰنَ يَنْزَغُ بَيْنَهُمْ﴾ (پ15، بني اسرائيل: 53). ترجموڪنزالايمان: بيشڪ شيطان انهن جي وچ ۾ فساد وجهي ٿو.

ڏسو! شيطان نفرت پيدا ڪندو آهي پر مومن محبت جو پيغام ڏيندو آهي. حضرت مولانا جلال الدين رومي رحمۃُ اللہِ علیہ فرمايو آهي:

تُو برائے وَصْل ڪَرْدَنْ آمدي
ني برائے فَصْل ڪَرْدَنْ آمدي

(يعني تون جوڙڻ لاءِ آيو آهين، ٽوڙڻ لاءِ نه).

# شيطاني ڪم

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ماڻهن جي وچ ۾ ڦوٽ وجهڻ، ڪين پاڻ ۾ وڙهائڻ ۽ جدايون وجهڻ شيطاني ڪم آهن، پر اسان پنهنجي پياري آقا صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جا غلام هجڻ جي باوجود (افسوس جو) شيطان جي پويان هلي پيا آهيون. ان جو سبب اهو آهي ته هاڻي اسان صحيح معنيٰ ۾ سنتن جا پابند ۽ شريعت جي رستي تي گامزن نه رهيا آهيون، ۽ نه ئي اسان کي شريعت ۽ سنت جي باري ۾ پوري ڄاڻ آهي. اسان جي دلين ۾ شريعت جي پاسداري جو اهو احساس به ناهي رهيو، بس اهو ئي سبب آهي جو اسان مان هر ڪو پنهنجي

پنهنجي ڳالهه مڃائڻ جي ڪوشش ۾ آهي ۽ هر ڪنهن کي صرف پنهنجو ئي فڪر آهي.

ڏسو! شيطان سڳن ڀائرن ۾ به اٽڪت پيدا ڪرائيندو آهي ۽ ان جو واضح ترين مثال حضرت سيدنا يوسف عليهِ السّلام جو واقعو آهي. پوءِ پاڻ عليهِ السّلام هڪ ملڪ جا امير (حڪمران) بڻيا ۽ آخرڪار جڏهن سندن ملاقات پنهنجي ڀائرن سان ٿي، ته ان وقت پاڻ جيڪو فرمايو، ان جو بيان (قرآن پاڪ جي 13هين سيپاري، سورت يوسف جي آيت نمبر 100 ۾ ڪجهه هن ريت آهي:

مِنۡۢ بَعۡدِ اَنۡ نَّزَغَ الشَّيۡطٰنُ بَيۡنِىۡ وَبَيۡنَ اِخۡوَتِىۡ‌ؕ

ترجموڪنزالايمان: ان کان پوءِ جو شيطان مون ۾
۽ منهنجي ڀائرن ۾ رنجش ڪرائي هئي.

معلوم ٿيو ته شيطان ڀائرن ۾ ڦوٽ وجهندو آهي.[1] اَلحمدُ لِلّٰهِ! دعوتِ اسلامي نفرت کي مٽائي محبت جا ڏيئا روشن ڪندي آهي. رشتيداري ٽوڙڻ سخت گناهه ۽ حرام آهي. اچو! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، مدني چراغ روشن آهي، ان مان روشني حاصل ڪيو ۽ پوءِ ان روشنيءَ سان پنهنجي دنيا، قبر ۽ آخرت کي چمڪايو.

اي عاشقانِ رسول! رشتيداريون ختم ڪرڻ (مٽي مائٽي ٽوڙڻ) تمام سخت گناهه ۽ حرام آهي ۽ احاديثِ مبارڪ ۾ ان جون ڪيتريون ئي وعيدون آيون آهن، عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه وعيدون پيشِ خدمت آهن:

---

[1] هڪ قول موجب حضرت يوسف عليهِ السّلام جا ڀائر به نبي هئا ۽ عالمن سڳورن انهن ڀائرن جي عمل جي تاويل اها ڪئي آهي ته اهو سڀ ڪجهه هنن حضرت يعقوب عليهِ السّلام جي محبت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيو هو

## بارگاهِ الاهيءَ ۾ قرابت (رشتيداريءَ) جو عرض

حضرت ابو هريره رضی اللہ عنہ کان روايت آهي ته رسول الله صلّی اللہ علیہٖ والہٖ وسلّم جن فرمايو: جڏهن الله مخلوق پيدا ڪري چڪو ته قرابت (**رشتيداريءَ**) عرض ڪيو: اي مولىٰ! مان **رشتيداري** ٽوڙڻ کان تنهنجي پناهه گهران ٿي.

الله فرمايو: ڇا تون ان تي راضي ناهين ته جنهن توکي جوڙيو مان ان کي جوڙيندس ۽ جنهن تو سان ناتو ٽوڙيو، مان به ان سان ناتو ٽوڙي ڇڏيندس. رشتيداريءَ عرض ڪيو: اي الله! مان ان تي راضي آهيان. هي بيان فرمائڻ کان پوءِ پاڪ ڪريم صلّی اللہ علیہٖ والہٖ وسلّم هي آيت پڙهي:

فَهَلْ عَسَيْتُمْ اِنْ تَوَلَّيْتُمْ اَنْ تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ وَ تُقَطِّعُوْۤا اَرْحَامَكُمْ

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ ڇا توهان جا اهي لڇڻ آهن جو جيڪڏهن توهان کي حڪومت ملي ته توهان زمين ۾ فساد ڦهلايو ۽ پنهنجا رشتا ڪٽي ڇڏيو؟
(بخاري، 97/4، حديث: 5987، مفهومًا) (سوره محمد، آيت 22)

اي پنهنجي ماءُ پيءُ کان ناراض ٿيڻ وارؤ! اي پنهنجي ڀائرن سان وڙهڻ وارؤ! اي پنهنجي ڀينرن سان رشتو ٽوڙڻ وارؤ! اي پنهنجي ماسين، مامن ۽ چاچن سان تعلق ختم ڪرڻ وارؤ! الله پاڪ جي سچي ڪلام تي چڱي طرح غور ڪيو ته الله پاڪ رشتيداري ختم ڪرڻ وارن تي ڪيتري قدر غضبناڪ (ناراض) آهي! ياد رکو! رشتيدارين ٽوڙڻ تمام سخت گناهه آهي، تنهنڪري جيڪڏهن ڪنهن جي پنهنجي ماءُ پيءُ يا ڀيڻ ڀائرن سان رشتيداري ٽٽل هجي، ته ڪيس گهرجي ته بنا دير ان سلسلي کي ختم ڪري ۽ انهن سان صلح ڪري وٺي.

## دنيا ۽ آخرت ۾ عذاب

تاجدارِ مدينه صلّی اللہ علیہٖ والہٖ وسلّم جن فرمايو: بغاوت ۽ قطع رحمي (رشتيداري ٽوڙڻ) به اهڙا گناهه آهن جن تي دنيا ۽ آخرت ۾ عذاب ڏنو ويندو آهي. (ترمذي، 229/4)

# جنت کان محرومي

هڪ روايت ۾ آهي: رشتيداري ٽوڙڻ وارو جنت ۾ نہ ويندو. (مسلم، ص 1062)

# محروم ماڻهو

نبي ڪريم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جن فرمايو: جبرائيل اَمين علیہ السّلام شعبان جي پندرهين رات مون وٽ آيا ۽ چيائون تہ اڄوڪي رات الله بني ڪلب جي ٻڪرين جي وارن برابر گنهگارن کي بخشي ڇڏيندو آهي پر مشرڪ، ڪينو (بُغض ۽ دشمني رکندڙ)، رشتيداري ٽوڙيندڙ، تڪبر سان پنهنجي گوڏ گهليندڙ، والدين جي نافرمان ۽ شرابي کي ناهي بخشيندو. (شعب الايمان، 384/3، حديث: 3837)

# رشتيداري ٽوڙيندڙ اسان جي مجلس ۾ نہ ويهي

هڪ ڀيري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جي بارگاھ ۾ ڪجهہ ماڻهو حاضر هئا تہ پاڻ سڳورن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جن ارشاد فرمايو: رشتيداري ٽوڙيندڙ اسان جي مجلس ۾ نہ ويهي. اهو ٻڌي هڪ نوجوان اتان اٿيو ۽ پنهنجي ماسي جي گهر هليو ويو، جو تہ سندس پنهنجي ماسي سان ڪو جهيڙو هو، هن وڃي معافي ورتي ۽ ٻنهي هڪ ٻئي کي معاف ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ اهو نوجوان ٻيهر نبي ڪريم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جن جي محفل ۾ اچي وينو تہ پاڻ سڳورن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جن فرمايو: ان قوم تي الله پاڪ جي رحمت نازل ناهي ٿيندي، جنهن ۾ رشتيداري ٽوڙڻ وارو موجود هجي. (الزواجر عن اقتراف الڪبائر، 153/2)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڳي رشتيداري ٽوڙڻ جو سلسلو تمام گهٽ هوندو هو پر اڄڪلهہ حالات ان جي بلڪل ابتڙ آهن. هاڻي شايد ئي ڪو اهڙو هوندو جنهن جي ڪنهن مائٽ سان ناراضگي نہ هجي، نہ تہ عام طور تي اسان مان اڪثر جي مائٽن سان ناراضگي هوندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ مسلمان طرح طرح جي مسئلن جو شڪار آهن، پر رشتيداري ڳنڍڻ بدران ٻين سان گلا شڪوا ڪندي نظر ايندا آهن تہ سائين! اسان جون دعائون قبول نٿيون ٿين، خبر ناهي ڪهڙي خطا ٿي وئي آهي جو اسان جي گهر مان بيماري نٿي

وڃي، خبر ناهي ڪهڙو گناهه ٿي ويو آهي جو تنگدستي دور نٿي ٿئي، اسان بزرگن کان دعائون ڪرايون، وڏين وڏين مزارن تي حاضر ٿياسين، وڏا وڏا وظيفا ڪياسين پر اسان جا مسئلا حل نه ٿيا وغيره وغيره.

ڏسو! الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: جنهن قوم ۾ رشتيداري ٽوڙيندڙ موجود هوندو آهي، ان تي الله پاڪ جي رحمت نازل ناهي ٿيندي. (الزواجر عن اقتراف الكبائر، 153/2) جڏهن اسان بنا ڪنهن شرعي اجازت جي رشتيداريون ختم ڪنداسين ته اسان تي رحمت ڪيئن نازل ٿيندي؟ اسان جون دعائون ڪيئن قبول ٿي سگهنديون؟ اسان جا مسئلا ڪيئن حل ٿيندا؟ الله پاڪ جي رحمت ماڻڻ لاءِ اسان کي پنهنجي مائٽن سان جوڙ پيدا ڪرڻو پوندو ۽ چڱيءَ ريت غور ڪرڻو پوندو ته ڪنهن ڪنهن سان اسان جي ناراضگي هلي رهي آهي؟ پوءِ جنهن سان به ناراضگي هجي ان سان صلح ڪرڻي پوندي، جيڪڏهن اسان پنهنجي طرفان صلح جي پوري ڪوشش ڪري ورتي پر سامهون وارو نٿو مڃي ته اها مجبوريءَ جي صورت آهي.

مُعافي تَلافي ڪرڻ وقت آڪڙ ۽ ڌمڪي وارو انداز اختيار نه ڪيو، مثال طور ائين نه چئو ته: ”معاف ڪيو ٿا يا نه؟ معاف نٿا ڪيو ته ڪو مسئلو ناهي“ وغيره وغيره. جيڪڏهن هٿ جوڙي، پيار سان، عاجزيءَ سان، بحث مباحثي ڪرڻ کان سواءِ، پنهنجي غلطي مڃيندي معافي گهري وڃي ته اميد آهي ته سامهون وارو نرم ٿي ويندو ۽ معاف ڪري ڇڏيندو. ۽ جيڪڏهن معافي گهرڻ وقت پراڻيون ڳالهيون دهرائڻ شروع ڪيون وڃن يا ڳالهه جي تهه تائين وڃي گهٽي بحث بازي ڪئي وڃي، مثال طور سامهون واري سان اهڙيون ڳالهيون ڪيون وڃن ته: ”جيڪڏهن اسان فلاڻي ڳالهه چئي هئي ته توهان به ته فلاڻي ڳالهه چئي هئي“ يا ”توهان اسان کي پنهنجي گهر جي تقريب ۾ بي دليءَ سان دعوت ڏني هئي ۽ گهرائڻ لاءِ ڪنهن کي موڪليو به نه هو ۽ نه ئي اسان جو انتظار ڪيو هو“ يا ”توهان فلاڻي جاءِ تي اسان کي چڙهيو هو“ وغيره وغيره. ياد رکو! جيڪڏهن صلح ڪرڻ وقت اهڙيون شڪايتون ڪرڻ لڳنداسين ته هرگز صلح نه ٿي سگهندي.

اي عاشقانِ رسول! رشتيداري ٽوڙڻ جون ٻه وڏيڪ وعيدون ملاحظہ ڪريو:
جيئن تہ

## رشتيداري ٽوڙيندڙ اسان جي محفل مان اٿي وڃي

هڪ ڀيري حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہ نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جون حديثون ٻڌائي رهيا هئا تہ پاڻ فرمايائون: هر قاطعِ رحم (رشتيداري ٽوڙڻ وارو) اسان جي محفل مان اٿي وڃي. اهو ٻڌي هڪ جوان اٿيو ۽ پنهنجي ڦڦيءَ جي گهر ويو، جنهن سان سندس ٻن سالن کان جهيڙو هلندڙ هو، جڏهن ٻئي هڪ ٻئي سان راضي ٿي ويا تہ ان جوان کي ڦڦيءَ چيو: تون وڃي ان جو سبب پڇ تہ آخر ائين ڇو ٿيو؟ (يعني سيدنا ابوهريره رضی اللہ عنہ جي ان اعلان جي ڪهڙي حڪمت آهي؟) حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہ فرمايو: مون حضور صَلَّی اللہ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کان ٻڌو آهي تہ پاڻ فرمايائون: جنهن قوم ۾ قاطعِ رحم (رشتيداري ٽوڙڻ وارو) هجي، ان تي الله پاڪ جي رحمت جو نزول ناهي ٿيندو. (الادب المفرد، ص 26، حديث: 61-63 ملتقطاً)

## رشتيداري ٽوڙڻ واري جي موجودگيءَ ۾ رحمت نازل ناهي ٿيندي

سيّدنا اَعمش رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ هڪ صبح حضرت ابن مسعود رضی اللہ عنہ محفل ۾ تشريف فرما هئا تہ پاڻ ماڻهن کي مخاطب ٿي فرمايو: اهڙو شخص جيڪو ڪنهن سان رشتيداري ٽوڙي وينو هجي، مان ان کي الله جو قسم ٿو ڏيان تہ هو اسان جي هن مجلس مان هليو وڃي تہ جيئن اسان الله پاڪ کان مغفرت جي دعا گهرون، ڇوتہ جيستائين هو وينو هوندو، تيستائين اسان تي الله پاڪ جي رحمت جا دروازا بند رهندا. (معجم ڪبير، 158/9، حديث: 8793)
(يعني جيڪڏهن هو هتي موجود رهندو تہ اسان جي دعا قبول نہ ٿيندي)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دعائون قبول نہ ٿيڻ جي ڪيترن ئي سببن مان هڪ سبب رشتيداريون ٽوڙڻ بہ آهي. اڄ ڪيترائي ماڻهو رشتيداري ختم ڪري وينا آهن ۽ ڪين ان جو ڪو احساس ئي ناهي، بلڪ سڀ کان وڏو ظلم

هي آهي تہ معاشري ۾ ان کي گناهہ ئي نٿو سمجهيو وڃي، حالانڪ رشتيداري ٽوڙڻ سخت گناهہ آهي. ڪي ماڻهو نمازون پڙهندا آهن ، نفلي روزا رکندا آهن ، تهجد پڙهندا آهن، قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندا آهن، چهري تي ڏاڙهي مبارڪ ۽ مٿي تي عمامو شريف سجائيندا ۽ زلفون رکندا آهن، پر انهن خاندان ۾ وڏي ويڙهہ لڳائي رکي هوندي آهي.

اهڙي طرح ڪجهہ ماڻهو پنهنجي ماءُ پيءُ جي سامهون ”تون تون، مان مان“ ڪندي عار (شرم) محسوس نہ ڪندا آهن، ماءُ جي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائيندي ڪين شرم ناهي ايندو، پيءُ کي دڙڪا ڏيندي ڪين اهو احساس ناهي ٿيندو تہ هو غلط ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن پيءُ ڪنهن محفل ۾ اچي تہ ان کان پري ڀڄندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو دوست اچي تہ ان کي ”خوش آمديد“ چوندا ۽ ان سان کلي منيون منيون ڳالهيون ڪندا آهن. اهڙن ماڻهن کي ياد رکڻ گهرجي تہ ماءُ پيءُ جي دل ڏکائڻ سخت ڪبيره گناهہ آهي. عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم ”دعوتِ اسلامي“ جي سنتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ڪندڙ ڪجهہ ماڻهو جڏهن والدين سان اهڙو رويو اختيار ڪندا آهن تہ هو گنهگار ٿيڻ سان گڏوگڏ دعوتِ اسلامي وارن کي برو ڀلو چورائڻ جو سبب بہ بڻجندا آهن.

جيڪڏهن توهان ڪلهہ تائين ماءُ سان ”تون“ چئي ڳالهائيندا هئا تہ هاڻي ”اوهان“ چئي ڳالهائڻ شروع ڪريو. ڏسو! ”تون“ جي جڳهہ تي ”اوهان“ چوڻ سان نہ تہ زبان تي ڇالا ٿيندا آهن ۽ نہ ئي ڪا دير لڳندي آهن. جتي دوست کي متاثر ڪرڻ لاءِ ”اوهان، جناب“ چئي جعلي اخلاق جو مظاهرو ڪيو ويندو آهي ، اتي جيڪڏهن ماءُ سان ”اوهان“ چئي ڳالهايو وڃي تہ ان جي دل خوش ٿي ويندي.

عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀرين اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ وارا اسلامي ڀائر جيڪڏهن گهر ۾ ادب وارو انداز اختيار ڪندا تہ سندن ”والده“ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول مان متاثر ٿيندي ۽ ٻين کي چوندي تہ: منهنجو پٽ سني جڳهہ تي ويندو آهي، ڇو تہ پهريان هو مون سان ”تون“ چئي ڳالهائيندو هو ۽ هاڻي ”اوهان“ چئي ڳالهائي ٿو. پهريان جڏهن

مان ڪيس ڪنهن ڪم لاءِ سڏيندي هيس تہ چوندو هو ”ها، اچان ٿو“ ۽ هاڻي ”جي امڙ! اجهو حاضر ٿيان ٿو“ جهڙن ادب وارن لفظن سان جواب ڏيندو آهي.

ڏسو! جڏهن ماءُ سنتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ واري پٽ جو حسنِ اخلاق ۽ ڳالهائڻ جو بهترين انداز ڏسندي تہ هوءَ پنهنجي ٻئي پٽ کي چوندي: پٽ! جڏهن کان تنهنجو ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀرئي اجتماع ۾ وڃڻ لڳو آهي، ماشاءَ الله سٺي سليقي سان ڳالهائي ٿو، تنهنڪري هاڻي تون بہ شريڪ ٿيندو ڪر. بهرحال، جيڪڏهن گهر ۾ حسنِ اخلاق اختيار ڪيو وڃي تہ ان شاءَ الله گهر جو ماحول سٺو ٿي ويندو ۽ ڪيترين ئي مشڪلاتون حل ٿي وينديون.

## اولاد کي ديني ماحول کان پري رکڻ جو هڪ سبب

ڪجهہ جذباتي اسلامي ڀائر جڏهن ڪجهہ سنتون سکي وٺندا آهن تہ زبردستي پنهنجي ماءُ پيءُ کان انهن تي عمل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ان ڪري بہ والدين پنهنجي اولاد کي دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کان پري رکندا آهن. اهڙن اسلامي ڀائرن کي عرض آهي تہ ڏسو! ڪنهن ڳالهہ تي عمل ڪرڻ جو ذهن آهستي آهستي ٺهندو آهي. توهان ايترو عرصو اجتماع ۾ ايندا رهيا ۽ مبلغ آيتون ۽ حديثون ٻڌائي ٻڌائي توهان کي سمجهائيندا رهيا، پوءِ وڃي ڪٿي آهستہ آهستہ سنتن تي عمل ڪرڻ جو توهان جو ذهن ٺهيو. هاڻي جيڪڏهن توهان هڪدم پنهنجي ماءُ پيءُ کان سنتن تي عمل ڪرڻ جو مطالبو ڪندؤ تہ هو ائين نہ ڪري سگهندا.

جيڪڏهن توهان ماءُ پيءُ کي ڪجهہ سمجهائڻ چاهيو ٿا تہ ان جو بهترين طريقو هي آهي تہ توهان انهن کي آڊيو يا وڊيو سنتن ڀريا بيان ٻڌايو ۽ ڏيکاريو. ان سان گڏوگڏ ڪنهن نيڪ ڪم کي والدين تي مڙهڻ بدران ان تي پاڻ عمل ڪندا رهو، سندن سامهون چڙچڙائپ جو مظاهرو ڪرڻ کان بچو ۽ ڪين هرگز نہ چڙٻيو. جيڪڏهن اڳي گهر جا ڪم ڪار گهٽ ڪندا هئا تہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پوءِ اهي ڪم وڌيڪ ڪرڻ شروع ڪري ڏيو. ان شاءَ الله ماءُ پيءُ توهان مان خوش ٿيندا، گهر جو ماحول سٺو ٿيندو، الله

پاڪ ۽ ان جو پيارو رسول صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم راضي ٿيندا ۽ توهان دين جي خدمت وڌيڪ بهتر نموني انجام ڏيڻ وارا بڻجي ويندؤ.

جيڪڏهن ماءُ پيءُ چون: پٽ! رات جو 12 وڳي تائين گهر اچي وڃجانءِ. تہ توهان 11:30 وڳي تائين گهر پهچي وڃو ۽ جلد سمهي پئو. ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! فجر جي نماز لاءِ توهان جي اک کلي ويندي ۽ جيڪڏهن تهجد پڙهڻ چاهيندؤ تہ اٿڻ ۾ آساني ٿيندي، گڏوگڏ صبح جو ڪم ڪار ۾ بہ چستي رهندي. ڏسو! جيڪڏهن توهان رات جو 2 وڳي تائين هيڏانهن هوڏانهن هوٽلن تي ڪچهريون ڪندا رهندؤ ۽ گهر وارن کي چوندا تہ اسين دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ مصروف هجڻ ڪري دير سان گهر اچون ٿا، تہ اهڙي عمل سان گهر وارا دعوتِ اسلامي کي برو ڀلو چوندا. تنهنڪري عشاء جي نماز پڙهي درس ڏيو ۽ مدرسة المدينہ بالغان پڙهائي گهر هليا وڃو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! گهر وارا خوش ٿيندا ۽ آئنده سنتن ڀرين اجتماعن وغيره ۾ شرڪت جي اجازت بہ ڏيندا.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! توهان بيان جي شروعات ۾ صلهءِ رحمي (رشتيدارن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ) بابت روايتون ٻڌيون، وڌيڪ ڪجھ روايتون پيشِ خدمت آهن:

## جنهن مون کي ملايو، الله پاڪ ان کي ملائي

”بخاري ۽ مسلم شريف“ ۾ آهي: رشتيداري عرشِ خدا سان مُعلق (يعني لٽڪيل) آهي ۽ عرض ڪندي آهي: جنهن مون کي ملايو (يعني جنهن رشتيداريءَ کي جوڙيو) الله پاڪ ان کي ملائي ۽ جنهن مون سان قطع تعلق ڪيو (يعني جنهن رشتيداريءَ کي ٽوڙيو) الله پاڪ بہ ان سان قطع تعلق ڪري.

(مسلم، ص 1062، حديث: 6519)

## رحمتِ خداوندي ماڻڻ جو ذريعو

حضرتِ سَيِّدُنا عبدالرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: مون نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو تہ: الله پاڪ فرمائي ٿو تہ مان الله آهيان، مان رحمٰن آهيان، مون رحم (رشتيداريءَ) کي پيدا ڪيو ۽ ان کي پنهنجي نالي مان مشتق ڪيو (يعني ڪڍيو)، جنهن صلهءِ رحمي ڪئي مان ان کي پنهنجي رحمت

سان ملائيندس ۽ جنهن قطع رحمي ڪئي مان ان کي پنهنجي رحمت کان پري ڪري ڇڏيندس. (ترمذي، 363/3، حديث: 1914)

## صلهٴ رحمي هي آهي ته هو ٽوڙي تڏهن به توهان جوڙيو

”بخاري شريف“ ۾ آهي: صلهٴ رحمي هي ناهي ته ملڻ جلڻ وارن رشتيدارن سان ميل جول برقرار رکي(يعني جيڪو رشتيدار سنا تعلقات رکندو هجي ان سان سنا تعلقات رکي)، بلڪ صلهٴ رحمي هي آهي ته جيڪي رشتيدار تعلقات ختم ڪري چڪا هجن انهن سان به ميل جول برقرار رکي. (بخاري، 98/4، حديث: 5991)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ ۾ ڪيڏي نه زبردست ڳالهه ٻڌائي وئي آهي ته جيڪو اسان سان رشتو ٽوڙي ۽ نفرت ڪري، اسان کي ان سان به جوڙڻ گهرجي. ڪٿي رستي ۾ ملي وڃي ته اسان ان کي سلام ڪريون، پاڻ وٽ ڪا تقريب هجي ته ان کي ضرور دعوت پهچايون، ٽوڙي جو هو نه اچي پر اسان پنهنجي طرفان ان سان صلهٴ رحميءَ سان پيش اچون.

## انهن ماڻهن مان نه ٿجو

”ترمذي شريف“ جي حديث پاڪ ۾ آهي: انهن ماڻهن مان نه ٿجو جيڪي چوندا آهن ته جيڪڏهن ماڻهو اسان سان ڀلائي ڪندا ته اسين به انهن سان ڀلائي ڪنداسين ۽ جيڪڏهن هو زيادتي ڪندا ته اسين به زيادتي ڪنداسين. بلڪ توهان ان ڳالهه جا عادي ٿجو ته جيڪڏهن ماڻهو توهان سان ڀلائي ڪن ته ڀلائي ڪريو، جيڪڏهن هو زيادتي ڪن ته توهان زيادتي نه ڪيو. (ترمذي، 405/3، حديث: 2014)

اي عاشقانِ رسول! هن حديث پاڪ مان خبر پئي ته اسان کي سِر جو جواب پٿر سان نه ڏيڻ گهرجي، بلڪ رشتيدار اسان سان چاهي ڪيترو به برو سلوڪ ڪن، اسان کي پنهنجي طرفان حسنِ سلوڪ جو دروازو بند نه ڪرڻ گهرجي. ڪنهن چيا ته خوب چيو آهي:

وه جَفا کرتے رہے ہم وفا کرتے رہے
اپنے اپنے فرض کو دونوں ادا کرتے رہے

## الله پاڪ تنهنجو حامي ۽ ناصر هوندو

هڪ شخص بارگاهِ رسالت صَلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم! مان رشتيدارن سان تعلق جوڙيندو آهيان پر هو مون کان تعلق ٽوڙيندا آهن، مان انهن سان ڀلائي ڪندو آهيان هو مون سان برائي ڪندا آهن، مان انهن سان نرمي ۽ حلم و بردباريءَ جو سلوڪ ڪندو آهيان پر هو مون کي ڪنهن ڪاتي ۾ ئي نٿا آڻين. پياري آقا صَلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جن فرمايو: جيڪڏهن تنهنجيون ڳالهيون سچيون آهن ته تو هڪ ڏورانهون پنڌ طئي ڪري ورتو، ۽ جيستائين تون پنهنجي ان عادت تي قائم رهندين ته الله پاڪ تنهنجو حامي ۽ ناصر هوندو.. (مسلم، ص 1062، حديث: 6525، ماخوذاً)

## سڀ کان بهترين صدقو

هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: سڀ کان بهترين صدقو ڪينہ پرور (يعني دشمني رکڻ واري) رشتيدار کي ڪجهه ڏيڻ آهي. (مستدرڪ، 27/2، حديث: 1515)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! خبر پئي ته جيڪو رشتيدار اسان سان نفرت ڪندو آهي ان کي ڪجهه عطا ڪرڻ سڀ کان بهترين صدقو آهي. پر اسين ته ان کي نوازيندا آهيون جيڪو اسان جي تعريف ۽ خوشامد ڪري ۽ جيڪو اسان جي توهين ڪندو يا مذاق اڏائيندو هجي ان کان منهن موڙيندا آهيون.

## قيامت جي ڏينهن حساب ۾ آساني

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جن فرمايو: جنهن ۾ ٽي صفتون هونديون قيامت جي ڏينهن ان جو حساب انتهائي آسان ٿيندو ۽ ان جو نڪاٽو جنت هوندو. صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم! اهي ٽي صفتون ڪهڙيون آهن؟ فرمايو: جيڪو توکي محروم رکي تون ان کي ڏيندو رهه، جيڪو تو کان تعلق ٽوڙي تون ان سان جوڙيندو رهه ۽ جيڪو تو تي ظلم ڪري تون ان کي معاف ڪندو رهه. (مستدرڪ، 362/3، حديث: 3968، ملتقطاً)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** رشتيداري ٽوڙڻ حرام آهي. جيڪڏهن ڪو رشتيدار اسان کان تعلق ٽوڙي ڇڏهن ٻه اسان کي اهو ئي حڪم آهي تہ اسان ان سان تعلق جوڙيون. جيڪڏهن اسان ڪوشش جي باوجود پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن ٽٽل رشتي کي جوڙڻ ۾ ناڪام رهجي وياسين تہ اسان جي محنت ضايع نہ ٿيندي، جو تہ ائين ڪرڻ سان الله پاڪ ۽ ان جو پيارو حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کان راضي ٿي ويندا ۽ اهو ئي اسان جي زندگيءَ جو مقصد آهي.

ياد رکو! توڙي جو سڄو زمانو اسان کان رسي وڃي پر جيڪڏهن ربِ ڪريم راضي ٿي ويو تہ خير ئي خير آهي. جيڪڏهن ڪنهن رشتيدار سان تعلق رکڻو هجي تہ محض الله پاڪ جي رضا لاءِ رکيو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن رشتيدار ۾ ڪا خرابي هجي تہ ان جي صحبت کان بچو، ان جي بري فعل کان نفرت ڪيو ۽ ان ۾ جيڪا برائي آهي صرف ان کي ئي برو سمجهو، پر ان جي ذات سان دشمني پيدا نہ ڪيو. مثال طور ڪو ڏاڙهي ڪترائيندو آهي تہ ان جي ڏاڙهي ڪترائڻ کي برو سمجهيو پر پنهنجي دل ۾ ان جي ذات بابت بغض ۽ ڪينو نہ رکو، پر ويجهو عزيز يا رشتيدار هجڻ ڪري ان جي اهڙي محبت بہ دل ۾ نہ هجي جو ان جو ڏاڙهي ڪترائڻ وارو فعل سنو لڳي. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو رشتيدار رشوت وٺندو آهي يا وياج کائيندو آهي يا فلمون ڊراما ڏسندو آهي تہ اسان ان جي انهن عملن کي برو سمجهون پر دل ۾ ان بابت بغض ۽ ڪينو نہ پاليون.

اڄڪلهہ گهڻا ماڻهو پنهنجي ذات جي خاطر ٻين سان بغض ۽ ڪينو رکندا آهن ۽ وڙهندا جهڳڙو ڪندا آهن نہ ڪي ڪنهن گناهہ جي سبب. مثال طور ڪو ڪنهن سان ان ڪري نفرت نٿو ڪري تہ هو نماز نٿو پڙهي يا فلمون ڊراما ڏسي ٿو، بلڪ ان ڪري نفرت ڪري ٿو ۽ وڙهي ٿو تہ ان سندس ڳالهہ نہ مڃي هئي يا سيني جي سامهون ڪيس چڙٻيو هو يا ڪنهن تقريب جي دعوت نہ ڏني هئي وغيره. اڄڪلهہ نانيءَ[1] ساهرن کي پنهنجو نوڪر سمجهندو آهي ۽ چاهيندو

1 نياڻو

آهي تہ هر تقريب ۾ ڪيس دعوت ڏني وڃي ۽ وٺڻ لاءِ گاڏي بہ موڪلي وڃي، بي صورت ۾ اچڻ ۾ نخرا ڪندو آهي يا وري ايندو ئي ناهي. ايئن رشتيدارين ۾ نخرا پيدا ٿي ويندا آهن ۽ انهن نخرن جي ڪري خاندان جا خاندان اجڙي ويندا آهن. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي ۽ اسان کي پنهنجي رشتيدارن سان صلهءِ رحميءَ سان پيش اچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللہُ علیہِ واٰلہٖ وسلّم

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net